# سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريه 2018

# SINDH ACT NO.XI OF 2018

# سنڌ قرآن پاڪ جي (پرنٽنگ، رڪارڊنگ ۽ نقصان پهتل يا شهيد ۽ پاڪ ورقن جو نيڪال) ايڪٽ، 2018

# THE SINDH HOLY QURAN (PRINTING, RECORDING AND DISPOSAL OF DAMAGED AND SACRED AURAQS) ACT, 2018

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات

Short title, extent and commencement

2.وصفون

Definitions

3. پبلشرز ۽ رڪارڊنگ ڪمپنيز جي رجسٽريشن

Registration of publishers and recording companies

4.قرآن بورڊ

Quran Board

5.قرآن پاڪ جي اشاعت

Publishing of the Holy Quran

6.آيت جي متن جي لفظي تحريف

Literal distortion of the text of ayah

7.مسلمانن جي عقيدي سان ٽڪراءُ ۾ قرآن پاڪ جو ترجمو يا سمجهاڻي

Translation or interpretation of the Holy Quran contrary to belief of Muslims

8.نقصان پهتل يا شهيد پاڪ ورقن جو نيڪال

Disposal of damaged or shaheed sacred auraqs

9.ڏنڊ

Penalty

10.ڪارپوريشنز طرفان ڏوهه

Offences by corporations

11.ڏوهن جي ٻڌڻي

Trial of offences

12.ڏوهه جو ازالو

Cognizance of offence

13.قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

14.منسوخي

Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريہ 2018

# SINDH ACT NO.XI OF 2018

# سنڌ قرآن پاڪ جي (پرنٽنگ، رڪارڊنگ ۽ نقصان پهتل يا شهيد ۽ پاڪ ورقن جو نيڪال) ايڪٽ، 2018

# THE SINDH HOLY QURAN (PRINTING, RECORDING AND DISPOSAL OF DAMAGED AND SACRED AURAQS) ACT, 2018

[9 مئي 2018]

ايڪٽ جنهن ذريعي قرآن پاڪ جي متن جي پرنٽنگ، رڪارڊنگ کي غلطين کان پاڪ بڻائي ۽ موزون نموني نقصان پهتل يا شهيد ٿيل پاڪ ورقن جي نيڪال کي يقيني بڻايو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ قرآن پاڪ جي متن جي پرنٽنگ، رڪارڊنگ کي غلطين کان پاڪ بڻائڻ ۽ موزون نموني نقصان پهتل يا شهيد ٿيل پاڪ ورقن جي نيڪال کي يقيني بڻائڻ ۽ لاڳاپيل معاملن لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

| | |
|---|---|
| 1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ قرآن پاڪ جي (پرنٽنگ، رڪارڊنگ ۽ نقصان پهتل يا شهيد ۽ پاڪ ورقن جو نيڪال) ايڪٽ، 2018 سڏيو ويندو.<br>(2)ان کي پوري صوبي سنڌ تائين وڌايو ويندو.<br>(3)هي فوري طور لاڳو ٿيندو. | مختصر عنوان، واڌارو ۽ شروعات<br>Short title, extent and commencement |
| 2. هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:<br>(i) "آيت" مطلب قرآن پاڪ جو جملو شق يا آيت جنهن جي آخر ۾ معياري ڪاپي ۾ هڪ ننڍو گول دائرو ڏنل آهي؛<br>(ii)"نقصان پهتل يا قرآن پاڪ جي شهيد ٿيل ڪاپي يا شهيد ٿيل پاڪ ورق" جنهن ۾ شامل آهن گهٽ معيار جي قرآن پاڪ جي ڪاپي، نقصان پهتل يا قرآن پاڪ جا ٻاهر نڪتل صفحا ۽ ٻيا صفحا جن ۾ قرآني آيتون شامل هجن ۽ جنهن ۾ پڻ شامل آهن حديثون (حضور پاڪ صلي الله عليہ وسلم) جون چوٽيون جيڪي حوالي طور ڏنل ڪتابن، اخبارن، اشتهاري سامان، فلمن ۽ رڪارڊنگ ۾ استعمال ڪيون ويون هجن؛<br>(iii)"نيڪال" مطلب نقصان پهتل يا شهيد ٿيل قرآن پاڪ جي ڪاپي جو جمع ڪرڻ ۽ گڏ ڪرڻ ۽ ان ۾ شامل آهي، ان کي زمين ۾ دفن ڪرڻ يا ان جو سمنڊ يا درياهہ ۾ نيڪال يا ان جي اهڙي طريقي ري | وصفون<br>Definitions |

سائيڪلنگ جيڪا ان جي پاڪائي ۽ تقدس جي مطابق هجي؛

(iv) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت؛

(v) ”قرآن پاڪ“ مطلب قرآن پاڪ عربي متن ۾، جيڪو مڪمل شڪل ۾ يا حصن (پيراز) جي صورت ۾ يا بابن (سورهن) جي صورت ۾ شايع ڪيو ويو هجي، پر ان ۾ شامل ناهن ان مان ڪنيل ڪجهه حصا جيڪي نصابي ڪتاب ۾، دعائن جي ڪتاب ۾ يا مذهبي ٺهراءَ ۾ شايع ڪيا ويا هجن؛

(vi) ”بيان ڪيل“ مطلب هن ايڪٽ جي قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(vii) ”پبلشر“ مطلب شخص يا ماڻهن جي ايسوسيئيشن جيڪا دفعه 3 تحت قرآن پاڪ جي پبلشر طور رجسٽر ٿيل هجي؛

(viii) ”قرآن بورڊ“ مطلب دفعه 4 تحت جوڙيل قرآن بورڊ؛

(ix) ”قرآن پاڪ جي رڪارڊنگ“ مطلب قرآن پاڪ جي ماڻهو جي آواز ۾ قرئت ۽ جيڪا ڪنهن جديد رڪارڊنگ جي ذريعي سان رڪارڊ ڪئي وڃي، جيڪا معياري ڪاپي ۾ شامل متن موجب هجي؛

(x) ”رڪارڊنگ ڪمپني“ مطلب شخص يا ماڻهن جي ايسوسيئيشن جيڪا دفعه 3 تحت رڪارڊنگ ڪمپني طور رجسٽر ٿيل هجي؛

(xi) ”معياري ڪاپي“ مطلب قرآن بورڊ طرفان درستگي ڪيل ۽ پرنٽنگ جي غلطين کان پاڪ تصديق ٿيل قرآن پاڪ جي ڪاپي؛

(xii) "نيڪال ڪنڊڙ مانيٽرنگ ڪميٽي" مطلب دفعہ 8 تحت نقصان پهتل يا شهيد ٿيل قرآن پاڪ جي ڪاپي جي نيڪال لاءِ جوڳا انتظام ڪرڻ جي مقصد لاءِ جوڙيل ڪميٽي؛ ۽

(xiii) "قرآن پاڪ جو متن" مطلب ڪا سوره، آيت، بيان ڪيل يا قرآن پاڪ مان ڪنيل لفظ.

**پبلشرز ۽ رڪارڊنگ ڪمپنيز جي رجسٽريشن**
**Registration of publishers and recording companies**

3. حڪومت بيان ڪيل طريقي موجب ۽ بيان ڪيل في جي ادائگي ۽ بيان ڪيل شرطن ۽ ضابطن جي پورائي بعد هڪ پبلشر يا رڪارڊنگ ڪمپني کي قرآن پاڪ جي اشاعت يا رڪارڊنگ جي مقصد لاءِ رجسٽر ڪري سگهي ٿي.

**قرآن بورڊ**
**Quran Board**

4.(1) حڪومت نامور عالمن، حافظن ۽ مسلمانن ۾ سمورن مڪتبہ فڪر جي قارين تي ٻڌل قرآن بورڊ جوڙيندي.

(2) حڪومت قرآن پاڪ جي هڪ ڪاپي تيار ڪرائيندي، ۽ ان جي معياري ڪاپي طور تصديق لاءِ قرآن بورڊ ڏانهن اماڻيندي.

(3) حڪومت محفوظ تحويل لاءِ معياري ڪاپي کي حڪومت جي آرڪائيوز ۾ رکندي.

(4) قرآن بورڊ غلطين کان پاڪ پرنٽنگ ۽ اشاعت يا

قرآن پاڪ جي رڪارڊنگ لاءِ اپاءَ تجويز ڪندو ۽ حڪومت جي هدايتن موجب غلطين کان پاڪ پرنٽنگ ۽ اشاعت يا قرآن پاڪ جي رڪارڊنگ ۽ پاڪ ورقن جي نيڪال واري ڪم جي نگراني ڪندو.

(5) قرآن بورڊ اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندو جيڪي بيان ڪيا ويا هجن.

**قرآن پاڪ جي اشاعت**
**Publishing of the Holy Quran**

5.(1) پبلشر قرآن پاڪ جي آف سيٽ، فوٽو اسٽيٽ، فوٽو بلاڪ يا ڪنهن ٻئي جديد پرنٽنگ جي نظام سان ڇپائي ڪري سگهي ٿو پر ان کي ليٿو پروسيس ذريعي ڇپائي نہ ڪندو.

(2)قرآن پاڪ جي ڇپائي ۾، پبلشر حڪومت طرفان منع ڪيل ڪاغذ جو استعمال نہ ڪندو.

(3)پبلشر ڪاپي جو نمونو وٺندو ۽ هر رڪارڊنگ ڪمپني قرآن پاڪ جي رڪارڊ جو نمونو وٺندي، جنهن جي معياري ڪاپي جي متن سان مذهبي اداري طرفان ڊپلوما رکندڙ شخص طرفان يا مولوي فاضل جي سند رکندڙ يا تصديق ٿيل قاري، جيڪو حافظ پڻ هجي ان طرفان يا اهڙي شخص طرفان جيڪو عربيءَ ۾ پروف ريڊنگ جي ڪم ۾ تربيت يافتہ هجي ۽ اهڙي شخص طرفان رڪارڊ ڪيل سند رکندڙ هجي، آخر ۾ تصديق ٿئي تہ متن ۽ حوالن ۾ ڪا بہ غلطي شامل ناهي.

(4)پبلشر يقيني بڻائيندو تہ:

(a) هر باب (سوره) جو جريان نمبر هر صفحي تي ڇپيل آهي ۽ هر آيت جو جريان نمبر هر آيت جي نَنڍي گول دائري ۾ شامل ڪيل آهي؛

(b) قرآن پاڪ جي هر ايڊيشن جي ڪور پيج تي پبلشر، پرنٽنگ پريس جو نالو ۽ اشاعت جو سال صاف ۽ چٽن اکرن ۾ لکيل هوندو؛

(c) قران پاڪ جو هر صفحو شيڊول ۾ ڏنل اشارو ڏئي ٿو.

(d) ڪنهن غلطي يا ڇپيل قرآن پاڪ ۾ ڪوتاهي جو پتو لڳڻ تي، هر پن تي جنهن تي اهو هجي ان کي اهڙي غلطي يا ڪوتاهي کان پاڪ تازي پن سان هر اهڙي ڪاپي ۾ تبديل ڪيو ويندو.

(5) پبلشر تي ذيلي دفعہ (4) جي شقن (a) ۽ (c) جي گنجائشن تي عمل نہ ڪرڻ لاءِ ڏنڊ نہ مڙهيو ويندو، جيستائين سندس ذميداري ۾ ڪوتاهي ثابت نہ ٿئي.

(6) قرآن پاڪ جو ڪو بہ ترجمو ان جي عربي متن کانسواءِ شايع يا رڪارڊ نہ ڪيو ويندو.

(7) ڪو بہ قرآن پاڪ جو رڪارڊ جيڪو ان جي تقدس کي پائمال ڪري، ڪنهن بہ صورت ۾ تيار نہ ڪيو ويندو.

**آيت جي متن جي لفظي تحريف**

6. جتي، ڪاپي يا قرآن پاڪ جي رڪارڊ ۾ يا ان سلسلي ۾ ڪنهن نصابي ڪتاب ۾، دعائن جي ڪتاب ۾، مذهبي

معاهدي يا ٻي صورت ۾ ڇپيل ڪنهن حصي ۾، ڪا آيت لفظي طور مسخ ڪئي وڃي ٿي، لفظ جي تبديلي ذريعي يا ترتيب جي تبديلي جي سلسلي ۾، يا اعراب جي صورت ۾، جيڪا ان جو مطلب ڦيرائي ڇڏي، ته پرنٽر يا پبلشر ان سلسلي ۾، يا جيئن معاملو هجي، رڪارڊنگ ڪمپني، پوءِ اها هن ايڪٽ تحت رجسٽرڊ هجي يا نه هجي، جيستائين اهو يا اها ثابت ڪري ته اهڙي ڪوتاهي پرنٽنگ يا مڪينيڪل خامي جي ڪري ٿي آهي، دفعه9 تحت فراهم ڪيل سزا لائق هوندا.

Literal distortion of the text of ayah

7. جتي ڪاپي يا قرآن پاڪ جو رڪارڊ، يا ان سلسلي ۾ نصابي ڪتاب، دعائن جي ڪتاب، مذهبي معاهدي يا ڪنهن ٻئي ڪتاب ۾ شايع ٿيل ڪا آيت ترجمو ڪئي وئي، سمجهائي وئي يا هڪ غير مسلمان طرفان مسلمانن جي عقيدي سان ٽڪراءَ ۾ ان تي راءِ ڏني وئي هجي، ته ليکڪ، ڇپائيندڙ يا پبلشر، يا اهو شخص جنهن رڪارڊ تيار ڪيو هجي، پوءِ اهو هن ايڪٽ تحت رجسٽرڊ هجي يا نه هجي، جيستائين اهڙي ترجمي، سمجهاڻي يا آيل ڪمينٽري تي ثابت نٿو ڪري ته اهڙي ڪوتاهي فقط پرنٽنگ يا مڪينيڪل خامي سبب ٿي آهي، اهو دفعه 9 ۾ فراهم ڪيل سزا لائق هوندو.

مسلمانن جي عقيدي سان ٽڪراءَ ۾ قرآن پاڪ جو ترجمو يا سمجهاڻي

Translation or interpretation of the Holy Quran contrary to belief of Muslims

8.(1) پبلشر يا رڪارڊنگ ڪمپني نقصان پهتل يا پاڪ ورقن جي شهيد ٿيل ڪاپي جي نيڪال لاءِ بيان ڪيل طريقي موجب موزون انتظام ڪندا ۽ حڪومت جي اهڙين هدايتن تي عملدرآمد ڪندا جيڪي اهڙين ڪاپيز يا

نقصان پهتل يا شهيد پاڪ ورقن جو نيڪال

Disposal of damaged or

shaheed sacred auraqs

ڪاپي جي نيڪال لاءِ جاري ڪيون ويون هجن.

(2)مذهبي معاملن وارو کاتو رضاڪار مذهبي تنظيم جي مدد سان شهيد پاڪ ورقن جي نيڪال جا انتظام ڪندو.

(3)رضاڪار مذهبي تنظيم مذهبي معاملن واري کاتي طرفان ڊويزنل سطح تي رجسٽرڊ ڪئي ويندي.

ڏنڊ
Penalty

9.(1) پرنٽر، پبلشر يا رڪارڊنگ ڪمپني جو پروپرائيٽر جيڪو هن ايڪٽ جي ڪنهن گنجائش يا ان تحت جوڙيل قاعدن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو يا اهو شخص جيڪو جنهن جي آواز جو رڪارڊ تيار ڪيل آهي، يا اهو شخص جيڪو دفعه 5 جي ذيلي دفعه (3) تحت سند يافته آهي، ڪاپي جو نمونو يا قرآن پاڪ جو رڪارڊ جيڪو هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب نه آهي، اهو قيد جي سزا لائق هوندو، جنهن جو مدو ٽن سالن تائين وڌي سگهي ٿو يا ڏنڊ جيڪو ويهه هزار رپين کان گهٽ نه هوندو، يا ٻئي گڏ.

(2)حڪومت دفعه 3 تحت پبلشر يا رڪارڊنگ ڪمپني جي ذيلي دفعه (1) تحت ڏوهه جي الزام هيٺ رجسٽريشن رد ڪري سگهي ٿي.

ڪارپوريشنز طرفان ڏوهه
Offences by corporations

10. جيڪڏهن ڪو شخص جيڪو دفعه 9 جي ذيلي دفعه (1) تحت ڏوهه ۾ ڏوهي ثابت ٿئي ٿو اها ڪمپني آهي يا باڊي ڪارپوريٽ، هر پروپرائيٽر، ڊائريڪٽر، مئنيجر، سيڪريٽري يا ڪمپني جو ڪو ٻيو عملدار يا باڊي ڪارپوريٽ، جيستائين ثابت نه ڪري ته ڏوهه بنا سندس

چاڻ جي ٿيو يا ان ڏوهہ کي روڪڻ لاءِ پوري ڪوشش ڪئي، اهو اهڙي ڏوهہ جو ڏوهي سمجهيو ويندو.

**ڏوهن جي ٻڌڻي**
**Trial of offences**

11. (1) هن ايڪٽ تحت ڏوهہ پهرين درجي جي جديشل ماجسٽريٽ جي عدالت ۾ هلايا ويندا.

(2)جڏهن هن ايڪٽ تحت سزا لائق ڏوهہ جي ٻڌڻي ڪئي وڃي، عدالت ڪوڊ آف ڪرمنل پروسيجر، 1898 ۾ ڄاڻايل طريقيڪار موجب عمل ڪندي.

**ڏوهہ جو ازالو**
**Cognizance of offence**

12. ڪنهن بہ عدالت کي هن ايڪٽ تحت ڏوهن جي ازالي جو اختيار نہ هوندو، سواءِ تيستائين جيستائين مذهبي معاملن ۽ اوقاف کاتي، حڪومت سنڌ جي سيڪريٽري طرفان يا ان جي اٿارٽي هيٺ لکت ۾ شڪايت نہ ڪئي وڃي.

**قاعدا جوڙڻ جو اختيار**
**Power to make rules**

13.(1) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

(2) مٿي ڄاڻايل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد ڪانسواءِ، اهڙا قاعدا فراهم ڪندا:

(a) قرآن بورڊ جي جوڙجڪ ۽ ڪم؛

(b) هن ايڪٽ جي شروعات کان اڳ ڇپيل يا تيار ڪيل ڪاپيز يا قرآن پاڪ جي رڪارڊز جي جاچ؛

(c) غلطين وارين ڪاپيز ۽ قرآن پاڪ جي رڪارڊز جي وڪرو تي پابندي؛

(d)اهڙين سمورين ڪاپيز ۾ قرآن پاڪ جي رڪارڊز جي پبلشر يا رڪارڊنگ ڪمپني جي خرچ تي چڪاس، جيڪي هن ايڪٽ تحت تصديق ٿيل نہ هجن تہ اهي غلطين کان پاڪ آهن؛

(e)اهڙين ڪاپيز ۾ قرآن پاڪ جي رڪارڊز کي ضبط ڪرڻ، جن ۾ غلطيون هجن، جيڪي بيان ڪيل اٿارٽي جي خيال موجب سولائي سان پرنٽ يا رڪارڊ ۾ درست نہ ٿيون ٿي سگهن؛ ۽

(f) نقصان پهتل يا شهيد ٿيل پاڪ ورقن جي ڪاپي جو نيڪال.

منسوخي
Repeal

14.(1) قران پاڪ جي اشاعت (پرنٽنگ ۽ رڪارڊنگ غلطين کي ختم ڪرڻ) ايڪٽ، 1973 (1973 جو ايڪٽ نمبر LIV) کي صوبي سنڌ ۾ لاڳو ٿيڻ کان، منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

(2) منسوخي تائين قرآن پاڪ جي اشاعت (پرنٽنگ ۽ رڪارڊنگ غلطين کي ختم ڪرڻ) ايڪٽ، 1973 (1973 جو LIV)، ڪجهہ بہ ڪيل يا منسوخ ڪيل ايڪٽ تحت ڪنيل ڪنهن قدم کي ساڳيو اثر هوندو جهڙوڪ اهو هن ايڪٽ تحت ڪيو يا ڪنيو ويو هجي.

شيڊول

[ڏسو دفعہ 5 (4) (سي)]

Schedule

[(See Section 5 (4) (c)]

| | | |
|---|---|---|
| | صفحي جو مٿيون حصو | |
| شروعاتي لفظن سان سيپاري جو جريان نمبر جهڙوڪ: | صفحو نمبر | ڪيپشن سان سوره جو جريان نمبر جهڙوڪ: |
| "__ البقره__" | "_____" | "_ تِلڪَ رُسُل_" |
| | صفحي جو هيٺيون حصو | |
| صفحي تي شروعاتي آيت سان گڏ سوره جو جريان نمبر جهڙوڪ: | منزل | صفحي تي ختم ٿيندڙ آيت جي جريان نمبر سان گڏ سوره جو جريان نمبر جهڙوڪ: |
| "__ سوره_5 آيت_5__" | | "_ سوره_2 آيت_9__" |

**نوٽ:ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**